ڊاڪٽر شازيه سفير

# شاهه عنات رضويءَ جي شاعريءَ ۾ عورت
# WOMEN IN THE POETRY OF SHAH INAT RIZVI


## ABSTRACT

*Shah Inat Rizvi is the Great Classical Poet of Sindhi Language. He has depicted the character of civilized women which is symbol of life and she with its high moral character in the society is in search of Divine love. In this paper I have traced out importance of women character in social and civilized life.*


ميون شاهه عنات رضوي اسان جي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي سلسلي جو اهم شاعر آهي. ڪلهوڙن جو دؤر سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڀاڳن وارو دؤر هو. هن دؤر ۾ سنڌي شاعري ارتقا جا ڏاڪا چڙهي ڪلاسڪ جو درجو حاصل ڪري ٿي. ميين شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ خيال ۽ فڪر جي گهرائي، اسلوب جي سونهن، پنهنجي ملڪ ۽ قوم جي تهذيب ۽ تمدن جي عڪاسي ملي ٿي. سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ڪيترين ئي نين روايتن وجهڻ جو سَهرو سندس سِر تي آهي.

> ميين شاهه عنات جي شاعري سنڌ جي ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ کي نه فقط ٻوليءَ ۽ موضوعن ۾ آسودو ڪيو، پر لوڪ داستانن ۽ ڪردارن جي حوالي سان به ان کي وسعت، همه گيري ۽ نواڻ سان روشناس ڪيو. اهي سمورا ڪردار جيڪي اڄڪي هلي سنڌي شاعريءَ جي سورما ۽ سورميون بڻجي اڀريا، انهن جي اڪثريت پهرين ميين عنات جي شاعريءَ ۾ اچي ٿَڪُ پڳو، نئين سفر جي تياري ڪئي ۽ ويس

وڳا مڃيا. اڳتي هلي انهن ڪردارن کي ڳائڻ هڪ باوقار روايت بڻجي پيئي. (سميجو، 2019، 10)

مريين شاهه عنات کان پهرين قاضي قادن جي شاعريءَ ۾ صرف ٻن لوڪ داستانن سسئي پنهون ۽ سهڻي ميهار جو ذڪر ملي ٿو؛ جڏهن ته شاهه ڪريم جي شاعريءَ ۾ سسئي، مارئي، مومل، ليلا ۽ سهڻي متعلق چند بيت ملن ٿا. مريين شاهه عنات رضوي مارئي، ليلا، مومل، سسئي، سورٺ، سهڻي، نوريءَ تي مڪمل سُر چيا آهن. ان کان سواءِ، سُر ڪاپائتي، سُر سريراڳ ۽ سُر سارنگ ۾ به سنڌي جي عام پورهيت عورت جي ڀرپور عڪاسي ڪئي اٿس، جيڪا سندس مشاهدي جي ساک ڀري ٿي.

هن عام سنڌي قصن ۽ داستانن کي سروار بيتن ۽ واين جي سٽاءَ ۾ سموهي، سنڌي شاعريءَ کي خوب سنواريو آهي ۽ سينگاريو آهي. هن قصن ۽ داستانن جي سورمن ۽ سورمين کي نيون شڪليون ۽ صورتون بخشي لاجواب ڪردارن جي قطار ۾ بيهاريو آهي.
(سميجو، 2019، 158)

سڀ کان پهرين هتي مان جنهن ڪردار جو ذڪر ڪنديس، اها سورمي وطن جي حُب ۽ سانگين جي سِڪ جي علامت آهي. ذڪر ٿي رهيو آهي مارئيءَ جو، جنهن سون تي سيڻ نه مٽيا، مارن جي محبت اڳيان ماڙين جو شان شوڪت ڪجهه به نه سمجهيائين، ٿر جي واري ۽ اُن مان ٺهيل لوئيءَ کيس قيمتي ويس وڳن کان وڌيڪ عزيز هئا، ماڙين ۾ ته پهرين رات ئي سندس مَن ماندو ٿيڻ لڳي ٿو:

پهرين رات پوءِ، من ماڙيءَ ماندوڪِئو،
صاحب ڪر سگهوءِ، ميڙائو سين مارئيين.
(مريين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو، ص 49)

مارئيءَ جي اندر ۾ ملير ۽ مارن لاءِ جيڪا اُڪير آهي، ان کي شاهه عنات انتهائي دل پڇائيندڙ انداز ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن کي پڙهندي انسانيت جي اعليٰ قدرن ۾ يقين پختو ٿي وڃي ٿو.

هَڏ هي روح رڳون، منهنجون ماروئڙن سان،
اُني ري ’عنات‘ چئي، جُدا ڪين جئان،
پَلهر شال پئان، وڃي ويڙيچن سين.
(مبين شاهه عنات

رضويءَ جو رسالو، ص 54)

✷

سنگهارن جي سَنپار، سدا اٿم سومرا،
اکيون اَباڻن لئي، وَسن ويرو تار،
پنهوارن پَچار، راتو ڏينهان روح ۾.
(مبين شاهه

عنات رضويءَ جو رسالو، ص 49)

مارئي محبت جي ان وچن کي نباهڻ لاءِ هر قسم جي سختي سهڻي لاءِ تيار آهي. شاهه عنات مارئيءَ کي مٽيءَ سان محبت جي علامت ڪري پيش ڪيو آهي. هو هڪ مضبوط ارادن جي مالڪ ڪردار طور اُڀري سامهون اچي ٿي. شاهه عنات چوي ٿو:

بندي خانو بچڙو، گهورئو عُمر بند،
سچ چوان ٿي سومرا، توڙين لاهين ڪنڌ،
اصل آسا بند، منهنجو مارو‍ئڙن سين.

(مبين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو، ص 51)

هن بيت ۾ پيش ڪيل سگهارو ۽ بي باڪ اظهار پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ”سچ چوان ٿي سومرا، توڙي لاهين ڪنڌ“ ۾ جنهن جرئت جي عڪاسي ٿئي ٿي، اها مارئيءَ کي ڪردار کي ڪنڌ اوچو ڪري هلڻ جي علامت بنائي ڇڏي ٿي.

سسئيءَ جو ذڪر سُر ديسيءَ ۾ ڪيل آهي. اُها پنهونءَ جي سِڪ ئي آهي، جنهن جي ڪري هوءَ جبل جهاڳي ٿي، ڏونگر ڏوري ٿي، نه ته هڪ انسان – اها به عورت – ان لاءِ اهو سفر ڪرڻ ڏاڍو اڻانگو آهي، پر جيڪڏهن اهو اڻانگو سفر طئه نه ڪري ها ته ڪڏهن به جدوجهد جي علامتي بڻجي نه سگهي ها. ان ماحول جي عڪاسي شاهه عنات جي زباني:

ڏاگها، چانگا، ڪَرها، ليڙا، اُٺ، جَماز،
بر بلوچن لنگهئو،سانجهر پڌي ساز،
ڪاز،ڪوئلون، قُمريون، جت سهڪن شاهي باز،
شاه پريون ان سج ۾، جت عارفن آواز،
ٿي پيلياٽي پاجهه، اُت اسونهين 'عنات' چئي.
(مرين شاهه
عنات رضويءَ جو رسالو، ص 142)

هن بيت جو اسلوب، تجنيس جو استعمال ۽ جمالياتي حسن بي مثال آهي. سسئيءَ جي بي پناهه محبت جي عڪاسي هن بيت مان چڱيءَ طرح ٿئي ٿي:

هلڻ سَهان نه هوت جو، وڃڻ مَ واريو،
رَهو رات پنيور ۾، ڪا گهڙي هِت گهاريو،
معذور مَ ماريو، سِڪي جنهن سگ ڪَيو.
(مرين شاهه
عنات رضويءَ جو رسالو، ص 137)

انسان ڏکن تڪليفن کي برداشت ڪندي ڪندي ڪڏهن ٿڪجي به پوندو آهي، پوءِ هو پنهنجي منزل تان هٿ کڻي ويندو آهي، پر هر ڪاري رات جو خاتمو هڪ روشن صبح تي ٿيڻو هوندو آهي. مستقل مزاج ٿيڻ به انسان جي خوبي آهي. ڏکيون حالتون ڏسي دوست جو در مٽائڻ بزدليءَ جي نشاني آهي. شاهه عنات سُر ديسيءَ ۾ ڪيڏي نه سهڻي صلاح ڏئي ٿو:

سدا سُور نه هُون، گوندر وڃن گذرئو،
اوڪي جا ’عنات‘ چئي، پهر ٿورائي پون،
چڱا ايهين چُون، ته در نه مٿجي دوس جو.
(ميين شاهه عنات
رضويءَ جو رسالو، ص 150)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ميين شاهه عنات جي شاعريءَ تي راءِ ڏيندي لکيو آهي:

ميون شاهه عنات پهريون شاعر آهي، جنهن پنهنجي بيان ۾ مجازي حُسن کي ڳايو... هن پنهنجي بيتن ۾ وصف ۽ بيان جي وسعت پيدا ڪري قصن ۽ داستانن جي سورمين جي سونهن ۽ سينگار کي مؤثر انداز ۾ ورجايو ۽ اهڙيءَ طرح اعليٰ سنڌي شاعريءَ ۾ پهريون پيرو مجازي حُسن جي تعريف جي نئين باب جو اضافو ڪيو (سميجو، 2019، 78)

مومل جيڪا اڳتي هلي سنڌي شاعريءَ ۾ سونهن جي علامتي بنجي ويئي، ان جي شروعات ميين شاهه عنات کان ڏسجي ٿي. مومل، سندس ڀينرن ۽ سهيلين جي هار سينگار جو ذڪر شاعر هن ريت ڪيو آهي:

مومل، سومل، سهڄان، ٿيون آتڻ آڏائين،
سڄا وڻ سَرڪنڊ جا، چندن چيرائين،
مُرَ، ڪٿوري، ڪيوڙو، لومَڙُ ڪِئو لائين،
رائو ٿيون رانئين، اهڙي پَر ’عنات‘ چئي.
(ميين شاهه
عنات رضويءَ جو رسالو، ص 124)

سُر ليلا ۾ شاهه عنات ليلا جو هار جي لالچ ۾ اچي وَر وڃاڻ واري واقعي کي تمثيلي انداز ۾ ڳايو آهي. ليلا پنهنجي غلطيءَ تي پڇتائي ٿي. چنيسر کي ايلاز منٿون ڪري ٿي، چاڪاڻ ته هار کي حاصل ڪري ليلا پنهنجو سڀ ڪجهه وڃائي چڪي هئي.

دوست منهنجا داسڙا، هي ڳالهه هينين سين لاءِ،
ڪِئمڪَچايون ڪيتريون،سي ميان! تون ميٺاءِ،
هار هتان مون چڏيون، ڪين چنيسر چتاءِ،
پَلا! ني پَلاءِ، مون ڪي مهٽي-هاب متان ڪرين.
(مبين
شاهه عنات رضويءَ جو رسالو، ص 109)

شاهه عنات سُر سورٺ ۾ راءِ ڏياچ جو سُر تي سِر ڏيڻ واري واقعي جو بيان ڪيو آهي.

سورٺ چارڻ کي پنهنجي وَرراءِ ڏياچ جي زندگيءَ لاءِ منٿون ڪري ٿي. هن سُر ۾ راءِ ڏياچ جي ماءُ جو ڪردار به نظر اچي پيو، جنهن جو بيان حيران ڪندڙ آهي. شاهه عنات چوي ٿو:

خاتون راڻي چوءِ پيٽاٗ جم موتائين مڱٹو،
آيو جو آس ڪري، مَرُ پلئه تنهن پوءِ،
سو سِر سڳنڌو هوءِ، جو ڏجي نامِ الله جي.
(مبين
شاهه عنات رضويءَ جو رسالو، ص 152)

هڪ ماءُ پنهنجي پٽ کي چوي ٿي ته ٻچا متان مڱٽي کي موٽائين، هو آس ڪري آيو آهي، خدا ڪارڻ ڏنل سِر جي سڳنڌ ئي پنهنجي آهي. ايتريون بهادر مائرون تاريخ ۾ تمام گهٽ هونديون.

ميهار جي محبت سهڻيءَ کي باغي بنائي ڇڏيو هئو. هن نه سماج جي پرواهه ڪئي، نه درياهه جي دهشت جي ۽ نه وري پنهنجي جان جي:

هادي لڳ هنيان! پُڇج پار پرين کي،
جناڪين سِڪ ‘عنات’ چئي،تن ڪهڙو ڏوهه ڏيان،
ميهارن ميان! مون کي، سنئون سَنهايو پيچرو.
(مبين
شاهه عنات رضويءَ جو رسالو، ص 164)

سهڻي سِڪ وندي آهي ته نوري عجز، انڪساري، نهٺائي ۽ نماڻائيءَ جو مجسمو ۽ جيئرو جاڳندو مثال آهي. اصل کي اصل نٿي وساري. راڻي ٿي ته به ماضيءَ جي غاريبي گذران

ڪي نه وساريائين، جنهن مٺان ڄام خود مورڇل ٿي هنيو، تنهن جي نهٺائيءَ جي ڪا حد هئي؟ تخت به بخت به هو. سڀ نوريءَ اڳيان ٿي نميا، پر نوريءَ ڇا ٿي سوچيو.“ (جوڻيجو، 2004، 120)

نوريءَ جي بخت جي بلندي، شاهه عنات جي زباني:

تَختُ، بَختُ، تڙُ، تماچي، نوري سڀ نَوَنِ،
نانءُ نيابت گندري، سيڻي سونهه سَمَنِ،
لکين لياڪا ڪِئا، ساري رات سَپِنِ،
ڪامڻ ڪامل ’عنات‘ چئي تنهن ڪي آهي منجهه اکين.
ڏنيس ڏيهه ڏڻين، معافي جي مهر ڪري،

(مبين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو، ص 167)

سنڌ ۾ خاص طور تي ٿر ۾ ماڻهو زندگي اَبر آسري گذاريندا هئا، گذارين پيا، چوڻي آهي ته:”وسي ته ٿر، نه ته بَر ئي بَر“. جڏهن سارنگ سار نه لهندو آهي ته ماڻهو پيٽ گذر لاءِ ٻين علائقن ڏانهن ويندا آهن. پنهنجو گهر گهاٽ ڇڏي انسان دربدر ٿئي ٿو. محتاجي انسان جي عزت نفس کي مجروح ڪري ٿي. شاهه عنات سُر سارنگ جي هڪ بيت ۾ سنڌ جي عورت جي عزت، وقار ۽ ڪردار جي حسن کي ڪيڏي نه اثرائتي نموني بيان ڪيو آهي:

ڏُونگها آڇ مَ ان کي، ڪاسا ڄِني ڪم،
پنندي پرڏيهه ۾، تن سوڍين ٿئي شرم،
اُٿين گهٽي ادب سين، ڳالهائين نرم،
قادر ڪر ڪرم، اُني ساڻ ’عنات‘ چئي.

(مبين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو، ص 159)

”سروپچندر شاد ڪيڏي نه وڏي ڳالهه لکي آهي: ٿر جا ماڻهو غريب آهن، لاچار آهن پر وڪائو مال ناهن. هنن کي پنهنجين ريتن، رسمن ۽ روايتن جو وڏو قدر آهي.“ (سميجو، 2019، 160)

خوددار ماڻهو پورهيي ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندو آهي. سُر ڪاپائتي اهڙن ئي ڪردارن جو سُر آهي. ڪتڻ پيار پريو پورهيو آهي. هر اُها شئي جنهن ۾ انسان جي محنت ۽ محبت شامل آهي، اها انمول آهي. عظيم شاعر عام شين ذريعي خاص پيغام ڏيندا آهن. سُر ڪاپائتي ۾ جتي پورهيي جي عظمت جو بيان ملي ٿو، اتي انسان ڪي سُستي، ڪاهلي ۽ بُري بيڪاريءَ کي ڇڏڻ جي تلقين به ملي ٿي:

بيون سڀ ڪَتن، سان نندائي نه لَهي،
اوگهٽو عنات چئي، اُپا سُٽ پُڇن،
الا! اڳيان تِن، ڪاٽياري ڪا مَ ٿئي.
(مبين شاهه
عنات رضويءَ جو رسالو، ص 115)

هن سُر جو خاص پيغام سستي ڇڏي محنت ڪرڻ آهي، چاڪاڻ ته جيڪو محنت ڪري ٿو، اهو ڪاٽيارو نٿو ٿئي. جيڪڏهن وقت وڃائبو ته ڪير به پيو، پوءِ اهو ڪيترو ئي پنهنجو چو نه هجي، ڪيتريون مهربانيون ڪندو، جيڪڏهن انسان کي سُرخرو ٿيڻو آهي ته کيس پاڻ وهيڻو ٿيڻو پوندو:

سُتيون سيءُ مَرن، جي پيرين سي چوڙين،
اَچا ۾ عيدُن، اوڏين اوءَ عنات چئي.
(مبين شاهه
عنات رضويءَ جو رسالو، ص 116)

مجموعي طرح سان شاهه عنات جي شاعريءَ ۾ پيش ڪيل عورت ڪردارن کي ڏسون ته اهي اسان کي مثالي ۽ سنڌ جي هزارين ورهين جي تهذيب جا امين نظر ايندا. محبت سندن سِرشت ۾ شامل آهي ۽ جڏهن انسان سراپا محبت هجي ته پوءِ سندس زندگيءَ ڏانهن، سماج ڏانهن رويو بدلجي وڃي ٿو. پوءِ ٻئي کي ظالم ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي مظلوميت جا داستان ٻڌائڻ ضروري نٿو رهي.

**حوالا**

جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر (2004): سنڌي ادب جي تاريخ، (جلد پهريون، سنڌي لينگئيج اٿارٽي، حيدرآباد.
سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر (مرتب) (2019): ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو اهم رتن: ميون شاهه عنات رضوي (هڪ اڀياس)، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن.
شاهه، سيد ضياءُ عباس (مرتب) (2019): ميين شاهه عنات رضويءَ جو رسالو، حضرت ميون شاهه عنات رضوي فائونڊيشن.